مدني ڏسندا رهو

# خزاني جا انبار

سنڌي ترجمو

هن رسالي ۾......


- درياءَ ۾ گهوڙا ڊوڙائڻ 1
- مال جي ڪثرت ۾ ڪٿي خفيه تدبير ته ناهي؟ 8
- گناهن کي سٺو سمجهڻ ڪفر آهي 10
- آفتن کان نجات جو ذريعو 23
- ويڊيو سينٽر ختم ڪري ڇڏيو 29
- مال جمع ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جون صورتون 30
- مندي پائڻ جا 17 مدني گل 37





شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه



مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

هي رسالو شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت

علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

# خزاني جا اَنبار

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

﴿ فون نمبر: 021-34921389-90-91 ﴾

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# خزاني جا اَنبار

**شيطان ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فڪرِ آخرت جي دولت ۽ دنيا کان بي رغبتي جي نعمت ملندي.**

## سو حاجتون پوريون ٿينديون

مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذِيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: ”جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا درود شريف پڙهندو الله تعاليٰ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون ۽ الله تعاليٰ هڪ فرشتو مُقرّر فرمائيندو جيڪو ان درود پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وصال کان پوءِ ائين ئي هوندو جيئن منهنجي حياتي ۾ آهي.“

(جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص199 حديث 22355)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## درياءَ ۾ گهوڙا ڊوڙائڻ

اميرالمُؤمنين، غَيظُ المُنافِقين، اِمامُ العَادِلين، مُتَمِّمُ الاَربَعين، خليفةُ المسلمين حضرت سيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي دؤر

هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مديني ۾ هفتيوارسنتن ڀريي اجتماع (شب برات 1431هـ 10/ 7/ 27) ۾ فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي.
مجلس مكتبة المدينه

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

خلافت ۾ حضرت سيِّدُنا سَعۡد بن ابي وَقاص رضی اللہ تعالٰی عنہ جي سپهه سالاري ۾ "جنگ قادسيه" ۾ اسلامي لشڪر شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي، هن جنگ ۾ 30 هزار مَجُوسِي يعني باهه جا پوڄاري مارجي ويا، جڏهن ته 8 هزار مسلمان شهيد ٿيا، "قادسيه" جي زبردست فتح ڪانپوءِ حضرت سيِّدُنا سَعۡد بِن اَبِي وَقاص رضی اللہ تعالٰی عنہ بَابِل تائين باهه جي پوڄارين جو پيڇو ڪيو ۽ آس پاس جو سمورو علائقو فتح ڪري ورتو، ايران جي گادي جي هنڌ (Capital) **مدائن** جيڪو دِجله درياءَ جي اوڀرندي ڪناري تي هو ۽ هتان ڪان ويجهو هو، اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي هدايت تي حضرت سيِّدُنا سَعۡد بِن ابي وَقاص رضی اللہ تعالٰی عنہ **مدائن** ڏانهن وڌيا، مَجُوسين درياءَ جي پُل ٽوڙي ڇڏي، ۽ تمام ڪشتيون درياءَ جي ٻي پاسي وٺي ويا، ان وقت درياءَ ۾ خوفناڪ طوفان آيل هو ۽ هن کي پار ڪرڻ بظاهر ناممڪن نظر پئي آيو، حضرت سَعۡد بن ابي وقاص رضی اللہ تعالٰی عنہ اها حالت ڏسي الله عزوجل جو نالو وٺي پنهنجو گهوڙو درياءَ ۾ داخل ڪيو! ٻين مجاهدن به سندن پيروي ڪندي پنهنجا گهوڙا درياءَ ۾ داخل ڪيا:

دَشۡت تو دَشۡت ہیں دریا بھی نہ چھوڑے ہم نے بحرِ ظُلمات میں دَوڑا دیئے گھوڑے ہم نے

## ديو اچي ويا! ديو اچي ويا!

دشمنن جڏهن ڏٺو ته مجاهدن درياءِ دِجله جي گجگوڙ ڪندڙ پاڻي کي پار ڪندي مردانگي سان اڳيان وڌندا پيا اچن ته اهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

وائڙا ٿي ويا ۽ ”دَيوان آمَدَند دَيوان آمَدَند“ (يعني ديو اچي ويا ديواچي ويا) چوندي ڀڄڻ لڳا. شاهِ ڪِسريٰ جو پٽ يَزدگرد پنهنجي ڪٽنب (يعني گهر وارن) ۽ خزاني جو هڪ حصو پهرين ئي ”حُلوَان“ موڪلي چڪو هو، هاڻي پاڻ به مدائن جي درن ديوارن کي حسرت ڀري نگاهه وجهندي ڀڄڻ لڳو، حضرت سيِّدُنا سَعد بن اَبِي وَقاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ مدائن ۾ داخل ٿيا ته هر پاسي عبرتناڪ خاموشي هئي، ڪِسريٰ جا عالشان مَحلَ ٻيون وڏيون جڳهون ۽ سر سبز وشاداب باغ زبانِ حال سان حقير دنيا جي ناپائيداري جو اعلان ڪري رهيا هئا. هي منظر ڏسي حضرت سيِّدُنا سَعد بن اَبي وَقاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي مبارڪ زبان تي بي اختيار سيپاري 25 جي سورةُ الدُّخان جي آيت نمبر 25 تا 29 جاري ٿي وئي:

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿۲۵﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۲۶﴾ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَ الْاَرْضُ وَ مَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿۲۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشما ۽ پوکون ۽ سنيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ بي فڪر گذاريندا هئا، اسان ائين ئي ڪيو ۽ انهن جو وارث ٻي قوم کي ڪري ڇڏيو انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه زمين، ۽ انهن کي مهلت نه ڏني وئي.

## سون جو ٿهوڙو ۽ سون جي ڏاچي

مدائن مان مسلمانن کي مالِ غنيمت مان ڪروڙين دينار (يعني سون جي سِڪن) جي خزاني جو انبار هٿ آيو جنهن ۾ نهايت ئي نادر ۽ ناياب شيون به هيون، انهن مان ڪجهه جا نالا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

هي آهن ايران جي مشهور آتش پرست بادشاهه نوشيروان جو زرِ نِگار (يعني سون جو) تاج، اگوٺيون بادشاهن جو هيرن سان سينگاريل خنجر، زرهه، خُود ۽ تلوارون، خالص سون جو وڏو گهوڙو جنهن جي سيني تي ياقوت لڳل هئا، ان تي سون مان نهيل هڪ سوار هو جنهن جي مٿي تي هيرن جو تاج هو، ۽ هڪ سون سان نهيل ڏاچي ۽ ان تي سوار جيڪو سون سان نهيل هو، ايوان ڪسريٰ (يعني ايران جي بادشاهن جا شاهي محل) جو طلائي فرش يعني سون جو قالين (Carpet) جيڪو قيمتي جواهرن سان سينگاريل هو ۽ ان جي ايراضي 60 چورس گز هئي وغير وغيره . مسلمان مال غنيمت جمع ڪرڻ ۾ اهڙا ديانت دار ثابت ٿيا جو تاريخ اهڙو مثال پيش ڪرڻ کان عاجز آهي، جيڪڏهن ڪنهن مجاهد کي هڪ ننڍڙي سوئي ملي يا ڪو قيمتي هيرو، ان فوراً ان کي خزاني جي انبار ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو .

(البداية والنهاية ج 5 ص 135 تا 140 بتصرف وغيره)

## خزاني جي انبار جي پڪار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان، اسان جا اسلاف ڪرام رحمهم الله السلام اسلام جي بقا لاءِ ڪهڙا نه جانبازي وارا قدم کنيا! هن حڪايت مان حضرت سيِّدُنا سَعد بن ابي وقاص رضی اللہ تعالٰی عنہ جي بي مثال ڪرامت به سامهون آئي جو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ بي خوف پنهنجو گهوڙو درياءِ دِجله جي گجگوڙ ڪندڙ ۾ داخل ڪري ڇڏيو! ۽ اها به خبر پئي ته ڀلي ڪيڏو به وڏو **خزاني جو انبار**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

هجي آخرڪار اهو بيڪار ٿي ويندو آهي. هاڻي هڪ وڏي غافل اسرائيلي مالدار جي عبرتناڪ حڪايت بيان ڪيان ٿو جيڪڏهن اوهان جي دل زنده هوندي ته ان کي پڙهي اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي خزاني جا انبار بلڪل بيڪار محسوس ٿيڻ لڳندا. جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 412 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عُيُونُ الحِكَايَات“ حصه اول صفحي 74 تي نقل ڪيل حڪايت جو خلاصو ملاحظو فرمايو: حضرت سيِّدُنا يزيد بن مَيْسَرَه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته گذريل اُمتن هڪ مالدار پر ڪنجوس ماڻهو هو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڪجهه به خرچ نه ڪندو هو، هر وقت مال ڏن جي ڌُن ۾ (يعني دولت جي حرص ۾) مشغول رهندو هو ان جي هميشه اها ڪوشش رهندي هئي بس ڪنهن به طرح مال وڌندو رهي. ان ناسمجهه مال، دولت جي حريص جي زندگي جا ڏينهن پنهنجي گهروارن سان گڏ عيش و عشرت ۽ نهايت غفلت ۾ گذري رهيا هئا، هڪ ڏينهن ان جي گهر جي در کي ڪنهن کڙڪايو، ان غافل دولتمند جي غلام در کوليو ته سامهون هڪ فقير ڏٺو، اچڻ جو مقصد پڇا ڪيائين، جواب مليو: پنهنجي مالڪ کي ٻاهر موڪل، مون کي ان سان ڪم آهي. غلام ڪوڙ ڳالهيندي چيو: ”هو تون جهڙي ڪنهن فقير جي مدد ڪرڻ ٻاهر ويو آهي“ فقير هليو ويو ڪجهه دير ڪان پوءِ ٻيهر در تي کڙڪو ٿيو، غلام در کوليو ته ٻيهر

ساڳيو فقير نظر آيو، هاڻي ان چيو: وجو! پنهنجي آقا کي چئو مان مَلَڪُ الموت عَلَيهِ السَّلام آهيان . ان مال جي نشي ۾ مست ۽ يادِ خدا کان غافل شخص کي جڏهن اها خبر پئي ته ڏڪڻ شروع ڪيو ۽ گهٻرائجي پنهنجي غلامن کي چوڻ لڳو: وجو! ”ان سان نِوڙت ۽ عاجزي سان پيش اچو“ غلام ٻاهر آيا ۽ مَلَڪُ الموت عَلَيهِ السَّلام کي منٿ زاريءَ ڪندي عرض ڪرڻ لڳا: ”توهان اسان جي آقا جي بدران ڪنهن ٻي جو روح قبض ڪيو ۽ ان کي ڇڏي ڏيو“ پاڻ عَلَيهِ السَّلام فرمايائون: ”ائين هرگز نه ٿيندو“ پوءِ ان مالدار شخص کي چيائون: جيڪا وصيت تو کي ڪرڻي آهي هاڻي ڪري وٺ، آءُ تنهنجو روح قبض ڪرڻ بنا هتان نه ويندس، اهو ٻڌي اهو مالدار ۽ انهن جي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو، ان شخص پنهنجي گهر ڀاتين ۽ غلامن کي چيو: سون چاندي ۽ خزاني جا صندوق کولي منهنجي سامهون ڍير ڪيو، حڪم تي فوراً عمل ڪيو ويو ان جي سامهون سڄي زندگي جو گڏ ڪيل خزاني جو انبار لڳي ويو . خزاني جي انبار سان مخاطب ٿيندي اهو مالدار شخص چوڻ لڳو: ”اي ذليل ۽ بدترين ذن دولت! تون تي لعنت! مان تنهنجي محبت سبب برباد ٿيس، هاءِ! هاءِ! مان تنهنجي سبب الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ آخرت جي تياري کان غافل رهيس. خزاني جي انبار مان آواز آيو: اي مال دولت جا شيدائي پڪا دنيادار ۽ غُفلت شِعار! مون کي مَلامت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ڇو ٿو ڪرين؟ ڇا تون اهو نه آهين جيڪو دنيادارن جي نظرن ۾ ذليل ۽ خوار هئين! پوءِ منهنجي سبب عزت دار ٿيئن ۽ تنهنجي پهچ شاهي دربار تائين ٿي، منهنجي ڪري ئي تنهنجو نڪاح مالدار خاندان ۾ ٿيو، يقيناً اها تنهنجي بد نصيبي آهي جو تون مونکي شيطاني ڪمن ۾ خرچ ڪندو رهين، جيڪڏهن راهِ خدا ۾ خرچ ڪرين ها ته اها ذلت ۽ خواري تنهنجو مقدر نه ٿئي ها، ٻڌاءِ! ڇا بُرن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ نيڪ ڪمن ۾ خرچ نه ڪرڻ جو مشورو مون ڏنو هو؟ نه هرگز نه، انهي سڀي تباهي جو ذميدار تون پاڻ آهين . (ان ڪان پوءِ سيِّدُنا مَلَڪُ الموت عَلَيهِ السَّلام ان ڪنجوس مالدار جو روح قبض ڪري ورتو)

(عيون الحڪايات (عربي) ص 49 ملخصاً دارالڪتب العلميہ)

دولتِ دُنیا کے پیچھے تُو نہ جا — آخِرت میں مال کا ہے کام کیا؟
مالِ دُنیا دو جہاں میں ہے وبال — کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالجَلال

(وسائل بخشش ص ۳۷۵)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ويل وقت واپس ناهي ايندو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان مال ۽ دولت جي شيدائي جي عبرت جوڳي حڪايت ٻڌي ته اهڙو ماڻهو جيڪو سڄي زندگي عيش ۽ نفساني خواهشن جي پويان رهيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڏنل مهلت ۾ سنڀلجڻ بدران ان جي غفلتن جو سلسلو وڌندو ويو، مال جي نشي ۾ مست، غريبن ۽ محتاجن جي امداد ڪان پري ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مونَ تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

عياشي ۾ مشغول رهيو. آخرڪار ”هڪ ڏينهن ته مرڻو آهي“ جي مطابق موت جو فرشتو آيو، جيتوڻيڪ ان وقت مال جو نشو لٿو، هوش ۾ آيو پر **”هاڻي پڇتائڻ ڪهڙي ڪم جو وقت هٿ مان نڪري ويو“** مال ۽ دولت جي حرص رکندڙ ماڻهو جنهن کي دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو ڪو فڪر ناهي انهن جي لاءِ درسِ عِبرت جا بيشمار مدني گل آهن.

گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا  بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
کام مال و زر وہاں نہ آئے گا  غافل انساں یاد رکھ پچھتائے گا
جب ترے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے  قبر میں کیڑے تجھے کھا جائیں گے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مال جي ڪثرت ۾ ڪٿي خفيه تدبير ته ناهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اها حقيقت آهي ته ڪڏهن ڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ وڏيڪ مال ۽ دولت سان نوازي به آزمائش ۾ وجهندو آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب **”فيضانِ سنت“** پهرين جلد صفحي 667 تي آهي: صحت جي نعمت ۽ دولت جي ڪثرت اڪثر گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي، لهٰذا جيڪي (حسين ۽ شاندار) خوب جاندار يا (زبردست) مالدار يا صاحبِ اقتدار (يعني حڪمراني ڪندڙ) آهن انهن کي خداءِ عليم ۽ خبير عَزَّوَجَلَّ جي خفيه تدبير کان وڌيڪ ڊڄڻ جي ضرورت آهي، جيئن حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ”جنهن ماڻهو تي الله عَزَّوَجَلَّ دنيا

۾ (روزي ۾ ڪثرت، فرمانبردار اولاد جي نعمت، مال ۽ دولت، سني صورت، سني صحت، سنو عهدو، وزارت يا صدارت يا حڪومت جي ذريعي) فراخي ڏئي ۽ ان ڪي اهو انديشو نہ هجي تہ ڪٿي اهي (آسائشون) الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير تہ نہ آهي تہ اهڙو ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان غافل آهي."

(تنبيہ المغترين ص 128 دارالمعرفة بيروت)

## اها الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڍر آهي

خبردار اي جاندار! خبردار اي شاندار! خبردار اي مالدار! خبردار اي سرمائي دار! خبردار اي صاحبِ اقتدار! خبردار اي آفيسر ۽ عهديدار! ربِّ عزيز ۽ قدير عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان خبردار! خبردار !خبردار ! خبردار! ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مليل جاني، مالي يا حڪومتي نعمتن جي ذريعي ظلم، تڪبُّر سرڪشي ۽ مختلف گناهن جو سلسلو وڌندو رهي ۽ خوبصورت بدن ۽ مال ۽ ڌن جهنّم جي ٻارڻ جو سبب بڻجي وڃي. هن باري ۾ هڪ حديث پاڪ آيت شريف سان گڏ ٻڌو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏڪو: حضرت سيِّدُنا عُقبہ بن عامِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم، رسولِ مُحتَشَم، شاهِ بَني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: "جڏهن توهان ڏسو تہ الله عَزَّوَجَلَّ گنهگار ٻانهي کي اهي شيون ڏي پيو جيڪي ان کي پسند آهن تہ اها الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڍر آهي پوءِ هي آيت تلاوت فرمائي:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ ھي توھان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آھي.
(مسند امام احمد ج 6 ص 122 حديث 17313 دارالفڪر بيروت)

فَلَمَّا نَسُوۡا مَا ذُكِّرُوۡا بِهٖ فَتَحۡنَا عَلَيۡهِمۡ اَبۡوَابَ كُلِّ شَىۡءٍ ؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوۡا بِمَاۤ اُوۡتُوۡۤا اَخَذۡنٰهُمۡ بَغۡتَةً فَاِذَا هُمۡ مُّبۡلِسُوۡنَ ﴿۴۴﴾

(پ 7 الانعام : آيت 44)

**ترجمو ڪنزالايمان :** پوءِ جڏھن انھن وساري ڇڏيو جيڪي انھن کي نصيحتون ڪيون ويون تہ اسان انھن تي ھر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا ايستائين جو جڏھن خوش ٿيا ان تي ڪين جو مليو تہ اسان اوچتو ڪين پڪڙ ڪئي تڏھن اھي نااميد رھجي ويا ۔

# گناهن تي سنو سمجهڻ ڪفر آهي

مُفَسّر شَہِير حکيم الامت مفتي احمد يار خان عليہ رحمۃ الحنّان هن آيت ڪريمہ جي تحت ”تفسير نورالعِرفان“ ۾ فرمائن ٿا: هن آيت مان خبر پئي گناهن ۽ نافرمانين باوجود دنيا جون آسائشون ملڻ الله عزّوجلّ جو غضب ۽ عذاب (بہ ٿي سگهي ٿو) انهن جي ڪري انسان وڌيڪ غافل ٿي گناهہ تي دلير ٿي ويندو آهي، بلڪ ڪڏهن هي گمان ڪندو آهي تہ ”گناهہ سني شيءِ آهي نہ تہ مون کي اهي نعمتون نہ ملن ها “ اهو ڪُفر آهي (يعني گناهہ کي گناهہ مڃڻ فرض آهي هن کي چاڱي واڱي سنو چوڻ يا سمجهڻ ڪفر آهي ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب“ جو مطالعو فرمايو) وڌيڪ فرمايو: نعمت تي خوش ٿيڻ جيڪڏهن فخر تڪبُّر ۽ وڏائي جي ڪري آهي تہ بُرو آهي ۽ ڪافرن جو طريقو آهي، ۽ جيڪڏهن شُڪر جي سبب هجي تہ بهتر آهي ۽ نيڪن جو طريقو آهي ۔

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## مال جي باري ۾ سوال

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دنيا جي هر آسائش ۾ آزمائش آهي، قيامت جي ڏينهن انهن آسائشن ۽ فراخين جي باري ۾ سوال پڻ ٿيندو . جنهن ڪي دنيا ۾ جيتريون وڏيڪ نعمتون ۽ وسائل هوندا ان ڪي آخرت ۾ ايترا ئي مسائل هوندا، جڏهن قيامت جي ڏينهن دنياوي مال دولت جي باري ۾ سوال ٿيندا، مال جي غلط استعمال تي الله عَزَّوَجَلَّ عِتاب فرمائيندو تہ غافل مالدار جي سامهون اها حقيقت سامهون اچي ويندي تہ "مون جهڙو دنيا جو امير آخرت جو فقير آهي" جيئن حضرت سيِّدُنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي تہ مڪي جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "وڏيڪ مال وارا قيامت جي ڏينهن گهٽ ثواب وارا هوندا پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ مال ڏئي اهي ان کي ساڄي کاٻي ۽ اڳيان پويان ڏي (يعني خرچ ڪري) ۽ ان سان نيڪ عمل ڪري. (صحيح بخاري ج 4 ص 231 حديث 6443)

## نعمتن جي باري ۾ پڇاڻو ٿيندو

30 سيپاري جي سورۃ التَّکاثُر جي آخري آيت ۾ ارشاد ربِّ اڪبر آهي:

ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ یَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِیۡمِ ﴿۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي.

## دوزخ جي ڪناري نعمتن جي باري ۾ سوال

مُفَسِّر شَهِير مفتي احمد يار خان عَلَیْهِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان "تفسير نور العرفان"

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودِشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

۾ هن آيت شريف جي تحت ۾ ٿورو تفصيل فرمايو آهي ان مان ڪجهه عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: ”ميدانِ محشر ۾ يا دوزخ جي ڪناري تي توهان کان فرشته يا ربّ تعاليٰ پاڻ نعمتن جي باري ۾ سوال فرمائيندو ۽ سوال هر نعمت جي باري ۾ هوندو، چاهي اها جسماني هجي يا روحاني، ضرورت جي هجي يا عيش ۽ راحت جي ايستائين ٿڌي پاڻي، وڻ جي ڇانوَ، سکون واري ننڊ جو به (سوال ٿيندو) . مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: موت کان پوءِ ٽي وقت ۽ ٽن جاين تي حساب ٿيندو ﴿1﴾ قبر ۾ ايمان جو ﴿2﴾ حشر ۾ ايمان ۽ عملن جو ﴿3﴾ دوزخ جي ڪناري تي نعمتن جي شڪر جو، نعمت اها آهي جيڪا بغير حق جي عطا ٿئي، ربّ جي هر نوازش نعمت آهي چاهي جسماني هجي يا روحاني، ان جون به قسمون آهن: ﴿1﴾ ڪسبي ﴿2﴾ وهبي . ڪسبي يعني اهي نعمتون جيڪي اسان جي ڪوشش سان ملن جيئن دولت سلطنت وغيره، وهبي يعني اهي نعمتون جيڪي صرف ربّ جي عطا سان مليون جيئن عُضوا، چنڊ، سج وغيره . ڪسبي (يعني پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪيل مال يا هنر اهڙين) نعمتن جي باري ۾ ٽي سوال ٿيندا ﴿1﴾ ڪٿان حاصل ڪيون ﴿2﴾ ڪٿي خرچ ڪيون ﴿3﴾ ان جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ وهبي (يعني يعني اسان جي ڪوشس بنا مليل) نعمتن جي باري ۾ آخري به سوال ٿيندا (يعني ڪٿي خرچ ڪئي؟ ان جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟) تفسيرخازن، تفسيرعزيزي، تفسير روح البيان وغيره

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

۾ ذڪر ڪيل آيت ۾ ”النعيم“ مان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات مراد آهي اسان کان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ سوال ٿيندو تہ اوهان سندن جي پيروي ڪئي يا نہ؟ ڇاڪاڻ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمورين نعمتن جا اصل آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جنهن دل کي روشن ڪري ڇڏي ان لاءِ سڀ نعمتون رحمتون آهن، ۽ بد قسمتي سان جنهن جي دل ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت نہ هجي ان لاءِ سڀ نعمتون زحمتون آهن دولت عثماني رحمت هئي، دولت ابوجهل زحمت.

صَدقہ پیارے کی حیاء کا کہ نہ لے مجھ سے حساب بخش بے پوچھے لَجائے کو لَجانا کیا ہے

(حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قيامت ۾ مالدارن جي حساب جي ڏکائيندڙ ڪيفيت

حلال مال جمع ڪرڻ بيشڪ گناهہ ناهي، ۽ دولت سبب ڪنهن کي گنهگار چوڻ درست ناهي، جيڪڏهن سؤ فيصد حلال مال سبب ڪو مالدار بڻجي، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندي ان پنهنجو مال خرچ ڪيو تہ گنهگار تہ پري رهيو بلڪ ٻنهي جهانن ۾ ثواب جو حقدار آهي. تنهنڪري مال ڪمائڻو آهي تہ صرف ۽ صرف حلال طريقي سان ڪمائڻ گهرجي، پر ضررت مطابق ڪمائڻ ۾ ئي عافيت آهي، ڇو تہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

حلال مال جو حساب ڏيندو ۽ قيامت جي ڏينهن حساب جي ڪنهن ۾ طاقت نه هوندي . حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عليہ رحمۃ الوالي اِحياءُ العلوم جي ٽئين جلد ۾ نقل فرمائن ٿا: ”قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهو کي آندو ويندو جنهن حرام مال ڪمايو ۽ حرام جڳهه تي خرچ ڪيو، چيو ويندو: هن کي جهنّم ڏانهن وٺي وڃو ۽ هڪ ٻي ماڻهو کي آندو ويندو جنهن حلال طريقي سان مال ڪمايو ۽ حرام جڳهه تي خرچ ڪيو، چيو ويندو: هن کي به جهنم ۾ وٺي وڃو، پوءِ هڪ ٽين ماڻهو کي آندو ويندو جنهن حرام ذريعي سان مال جمع ڪري حلال جڳهه تي خرچ ڪيائين، چيو ويندو: هن کي به جهنم ۾ وٺي وڃو، پوءِ (چوٿين) ماڻهو کي آندو ويندو جنهن حلال ذريعن سان مال ڪمائي حلال جڳهن تي خرچ ڪيو ان کي چيو ويندو: بيهي رهو! ممڪن آهي تون مال جي طلب ۾ ڪنهن فرض ۾ ڪوتاهي ڪئي هجي، وقت تي نماز نه پڙهي هجي ۽ رڪوع ۽ سجدن ۽ وضو ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي هجي! اهو چوندو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون حلال طريقي سان ڪمايو ۽ جائز جڳهه تي خرچ ڪيو، ۽ تنهنجي فرضن مان ڪو فرض ضايع نه ڪيو، چيو ويندو: ممڪن آهي تو هن مال ۾ تڪبر کان ڪم ورتو هجي سواري يا لباس ذريعي ٻين تي فخر ظاهر ڪيو هجي! اهو عرض ڪندو: اي منهنجا ربّ ! مون تڪبُّر به نه ڪيو ۽ فخر جو اظهار به نه ڪيو. چيو ويندو: ممڪن آهي تون ڪنهن جو حق دٻايو

هجي جنهن جي ادائگي جو حڪم مون ڏنو آهي تہ پنهنجي مائٽن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن کي انهن جو حق ڏي! تہ اهو چوندو: اي منهنجا ربّ! مون ائين ناهي ڪيو، مون حلال طريقي سان ڪمايو ۽ جائز جڳهہ تي خرچ ڪيو ۽ تنهنجي ڪنهن فرض کي نہ ڇڏيو، تَڪَبُّر ۽ غُرور نہ ڪيو ۽ ڪنهن جو حق بہ ضايع نہ ڪيو تون جنهن جو حڪم ڏنو آهي (مون اهو ڏنو)

پوءِ اهي سڀ ماڻهو ايندا ۽ ان سان جهڳڙو ڪندا ۽ چوندا: ياالله عَزَّوَجَلَّ تو هن کي مال ڏنو ۽ مالدار بڻايو ۽ هن کي حڪم ڏنو تہ اهو اسان جي مدد ڪري . هاڻ جيڪڏهن هن انهن کي ڏنو هوندو، فرضن ۾ بہ ڪوتاهي نہ ڪئي هوندي، تڪبر ۽ فخر نہ ڪيو هوندو پوءِ بہ چيو ويندو بيهي رهو! مون تون کي جيڪا نعمت ڏني يلي اها ڪاڏو هو، پاڻي هو يا ڪا ٻي لذت، ان سڀ جو شڪر ادا ڪيو، اهڙي طرح سوال تي سوال ٿيندا رهندا.

(احياءُالعلوم ج 3 ص331 دارصادر بيروت)

## سوال ان کان ٿيندو جنهن حلال ڪمايو هوندو

اها روايت نقل ڪرڻ ڪان پوءِ حضرت سيِّدُنا امام غزالي عَلَيهِ رَحمةُ الوالي جيڪو ڪجھ فرمايو آهي ان کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌايو ! ان سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ ڪير تيار هوندو؟ سوال ان ماڻهو ڪان ٿيندا جنهن حلال طريقي سان ڪمايو هوندو ۽ تمام حقَ ۽ فرضَ بہ ڪَمَاحَقُّهٗ (يعني پوري طرح سان) ادا ڪيا هوندا . جڏهن اهڙي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

ماڻهو سان اهو حساب ٿيندو ته اسان جهڙن ماڻهن جو ڪهڙو حال هوندو جيڪي دنياوي فتنن، نفساني خواهشن، آرائشن ۽ ناهه نوهه ۾ مشغول آهن! انهن سوالن جي خوف کان الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دنيا ۽ ان جي مال و متاع ۾ مشغول هجڻ کان ڊڄندا آهن اهي فقط ضرورت مطابق دنيا جي ٿوري مال تي ڪفايت ڪندا آهن ۽ پنهنجي مال مان مختلف سٺا ڪم ڪندا آهن . حُجة الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ الوَالي نيڪ ٻانهن جي مال جي ڪثرت کان بچڻ جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کان پوءِ عام مسلمانن کي نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمائن ٿا: توهان کي نيڪ ماڻهن جا طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن، جيڪڏهن هن ڳالهه کي اوهان انهي لاءِ تسليم نٿا ڪيو جو توهان پنهنجي خيال ۾ پرهيزگار ۽ نهايت مُحتاط آهيو ۽ صرف حلال مال ڪمايو ٿا ۽ ڪمائڻ جو مقصد به محتاجي ۽ سوال کان بچڻ ۽ خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ آهي ۽ اوهان جو ذهن اهو ٺهيل آهي ته آءُ پنهنجو حلال مال نه ته گناهن ۾ خرچ ڪيان ٿو نه ئي فضول خرچ ڪيان ٿو ۽ مال جي سبب منهنجي دل الله عَزَّوَجَلَّ جي پسنديده راهه کان به نه ٿي هٽي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪنهن ظاهر ۽ پوشيده عمل کان ناراض به نه آهي، جيتوڻيڪ ائين هجڻ ناممڪن آهي . بالفرض ائين آهي تڏهن به اوهان کي گهرجي ته صرف ضرورت مطابق مال تي راضي رهو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

۽ مالدارن سان عليحدگي اختيار ڪيو، ان جو سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيندو جو جڏهن ان مالدارن کي قيامت جي ڏينهن حساب جي لاءِ روڪيو ويندو ته اوهان پهريان ئي قافلي سان گڏ سَروَرِ ڪائنات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان اڳيان وڌي ويندا ۽ اوهان کي حساب ڪتاب ۽ سوال جواب جي لاءِ به نه روڪيو ويندو ڇوته حساب کان پوءِ نجات هوندي يا سختي، اسان تائين اها ڳالهه پهتي آهي ته نبيِّ اڪرم، نورِ مُجَسَّم،نبيِّ مُحتَشَم، شافعِ اُمَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”فُقراءِ مهاجرين، مالدار مهاجرين کان پنج سؤ سال پهرين جنّت ۾ ويندا.“

(ترمذي حديث 2358) (ماخوذ از احياءُ العلوم ج 3 ص332)

مجھ کو دنیا کی دولت نہ زر چاہیئے
شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیئے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مال جو استعمال ۽ آخرت جو وبال

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دنياوي نعمتن ۽ راحتن سان مالامال ماڻهن کي مال جي استعمال وقت خبردار رهڻ گهرجي ته ان جي غلط استعمال جو انجام آخرت جو وبال آهي، ائين مال دولت جي اجائي محبت گناهن تي اڪسائيندي، دربدر ڌڪا کارائيندي، لُٽ مار ڪرائيندي ايستائين جو لاشَ به ڪرائيندي آهي ۽ جڏهن ڪنهن مال جي حُب رکندڙ جي هٿ مان نڪرڻ تي ايندي آهي بيحد ستائيندي ۽ خوب تڙپائيندي آهي، تنهن ڪري اسان جا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

بزرگ رحمهم الله تعاليٰ مال دولت جي معاملي ۾ ڏاڍا مُحتاط هئا. جيئن حضرت سيِّدُنا ابو درداء رضي الله تعالى عنه حضرت سيِّدُنا سلمان فارسي رضي الله تعالى عنه کي هڪ خط روانو فرمايو جنهن ۾ لکيل هو: اي منهنجا ڀاءُ! دنيا مان ايترو جمع نه ڪيو جو شڪر ادا نه ڪري سگهو، مون شهنشاهِ اَبرار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مُختار صلى الله تعالى عليه واله وسلم کي فرمائيندي ٻڌو ته قيامت جي ڏينهن اهڙي مالدار شخص کي آندو ويندو جنهن الله عزوجل جي فرمانبرداري ۾ زندگي گذاري هوندي، پُل صِراط پار ڪندي ان جو مال ان جي سامهون هوندو جڏهن اهو ٿاٻا کائيندو ته هن جو مال چوندو. ”هلندو هلو! چو ته تو منهنجي باري ۾ الله عزوجل جو حق ادا ڪري ورتو آهي.“ پوءِ هڪ ٻي مالدار کي آندو ويندو جنهن دنيا ۾ پنهنجي مال مان الله عزوجل جو حق ادا نه ڪيو هوندو، ان جو مال ٻنهي ڪلهن جي وچ تي هوندو، اهو شخص جڏهن پل صراط تي ٿاٻا کائيندو ته ان جو مال ان کي چوندو: تون برباد ٿئين! تو مون مان الله عزوجل جو حق ادا ڇو نه ڪيو؟ پوءِ هو اهڙي طرح هلاڪت ۽ بربادي کي پڪاريندو رهندو.

(تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 47 ص 153 دار الفڪر بيروت)

تیری طاقت، تیرا فن، عُہدہ ترا　　کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ ترا
دبدبہ دُنیا ہی میں رہ جائے گا　　زور تیرا خاک میں مل جائے گا
جیتنے دنیا سکندر تھا چلا　　جب گیا دنیا سے خالی ہاتھ تھا

(وسائل بخشش ص ۳۷۵،۳۷۶)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل روايت ۾ عبرت آهي انهن مالدارن ۽ عهديدارن جي لاءِ جيڪي فرض هجڻ باوجود زڪوٰت ڏيڻ کان ڪيٻائيندا، پنهنجي دولت کي گناهن وارن ڪمن ۾ ضايع ڪندا، ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کان لنوائيندا، محتاجن جي مدد ڪرڻ کان جان ڇڏائيندا آهن، غور فرمايو اڄ خوشحال ڪرڻ وارو مال قيامت جي ڏينهن وبال جي صورت اختيار ڪئي ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪاش! اسان جي دلين مان دنيا جي محبت نڪري وڃي ۽ اسان جي آخرت بهتر ٿي وڃي.

مِرے دل سے دُنیا کی اُلفت مِٹا دے مجھے اپنا عاشِق بنا یاالٰہی!
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دے دے مِرے غوث کا واسِطہ یاالٰہی!

## مدني انعامات ۾ اسلاف جي ياد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل روايت مان اها به خبر پئي ته پنهنجي اسلامي ڀائرن کي مڪتوب (يعني خط) ذريعي نيڪي جي دعوت پيش ڪرڻ صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي مبارڪ سنّت آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قران و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي ٻين مدني خوبين سان گڏوگڏ اسلاف ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي ياد به تازه ڪندي آهي، جيئن نيڪي جي دعوت تي مشتمل مدني مڪتوب موڪلڻ. انهي جي ترغيب ڏياريندي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جا پيش ڪيل 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 57 آهي ”ڇا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

توهان هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسلامي ڀاءُ کي مڪتوب روانو فرمايو؟ “ اوهان کي مدني التجا آهي تہ ”دعوت اسلامي“ جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، مدني انعامات جي مطابق عمل جي ڪوشش ڪيو، اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بزرگن جو فيض ۽ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون حاصل ڪيو ۽ دولت جي ڪثرت جي هَوَس بدران نيڪين جي ڪثرت جي جو حرص پيدا ٿيندو.

دے جذبہ ''مَدَنی اِنْعامات'' کا تُو   کرَم بہرِ شہِ کرب و بَلا ہو
کرَم ہو دعوتِ اسلامی پر یہ   شریک اِس میں ہر اِک چھوٹا بڑا ہو
(وسائل بخشش ص ۹۱)

## ڏَن ڪمائڻ جي ڏُن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان جي معاشري ۾ گهڻن ماڻهن جي ذهن تي دولت ۽ خزاني جا انبار جمع ڪرڻ جي ڏُن لڳي پئي آهي ۽ انهي دشوار گذار راهه ۾ ڀلي ڪيتريون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون پرواهه ناهي، بس ! هر وقت دولت دنيا جمع ڪرڻ جو حِرصَ آهي، جيڪڏهن آخرت جي ڀلائي لاءِ نيڪين جي دولت حاصل ڪرڻ ڏانهن توجهہ ڏياريو وڃي تہ ملازمت يا ڪاروباري مصروفيت وغيره جو بهانو سامهون ايندو آهي، ٻارن ٻچن جو دنياوي مستقبل سنوارڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي آخرت واري مستقبل کي وساريو ڇڏن، اولاد جي دنياوي پڙهائي پوءِ انهن جي شادي جو فڪر ڪنهن ٻي طرف

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ذهن وجھڻ نہ ٿو ڏي اولاد جي دنياوي مستقبل جي بهتري جي لاءِ اسان جي بُزرگن جو ڇا تہ مدني ذهن هوندو هو! اهو بہ ملاحظہ فرمايو: جيئن تہ

## عمر بن عبدالعزيز جي مدني سوچ

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ضياءِ صدقات**" صفحي 83 تي آهي: حضرت سيِّدُنا مَسْلَمہ بن عبدالمَلِڪ عليہ رحمۃ المالک حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي ظاهري حياتي جي آخري گهڙين ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالیٰ عنہ! توهان بہ بي مثال زندگي گذاري دنيا مان تشريف وٺي وڃو پيا، اوهان رضی اللہ تعالیٰ عنہ جا 13 ٻار آهن وِراثت ۾ انهن لاءِ ڪو ڏن دولت ناهي ڇڏي! اهو ٻڌي حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ ارشاد فرمايو: مون پنهنجي اولاد جو حق ناهي روڪيو ۽ ٻين جو هنن کي ناهي ڏنو ۽ منهنجي اولاد جون بہ حالتون آهن جيڪڏهن اهي الله عزوجل جي اطاعت ڪندا هو انهن کي ڪفايت ڪندو ڇوتہ الله عزوجل نيڪ ٻانهن جي ڪفايت ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن منهنجي اولاد نافرمان تي تہ مون کي انهي ڳالهہ جي پرواهہ ناهي مون ڪان پوءِ مالي اعتبار سان انهن جي زندگي ڪيئن گزرندي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 288)

**الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِي الاَمِين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هتي اها ڳالهه ياد رهي جيڪڏهن ڪنهن وٽ مال آهي ته ان جي لاءِ اهو حڪم آهي ته صدقي ڪرڻ بدران اولاد جي ضرورت لاءِ رکي.

مِرے غوث کا وسیلہ ، رہے شاد سب قبیلہ
اِنہیں خُلد میں بسانا ، مَدَنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش ص ١٦٠)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آزمائش ۾ ڪاميابي جي صورت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بنا دنياوي حاجت جي مال دولت جمع ڪرڻ جو جذبو تعريف جوڳو ناهي ۽ جنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ دنيا جي دولت وڏيڪ عطا فرمائي آهي ان جي لاءِ ڪاميابي جي صورت اها آهي ته هو **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت مطابق خرچ ڪري نيڪين جي دولت ۾ اضافو ڪري جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 417 صفحن تي مشتمل بي مثال ڪتاب "**لُبابُ الاحياء**" صفحي 258 تي آهي: حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح **الله** علي نَبِيِّنا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: "دنيا کي آقا نه بڻايو نه ته اها توهان کي غلام بنائي ڇڏيندي، پنهنجو مال ان ذات وٽ جمع ڪيو جنهن وٽ ضايع ناهي ٿيندو، ڇو ته جنهن وٽ دنيا جو خزانو هجي ان کي (چوري ٿيڻ يا ڪسجڻ جي) آفت ڊپ هوندو آهي، پر (صدقو ۽ خيرات ڪري) **الله** عَزَّوَجَلَّ وٽ پنهنجو مال جمع ڪرڻ واري کي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ڪنهن قسم جو خطرو ناهي هوندو .

(لباب الاحياء (عربي) ص 231ماخوذاً دارالبيروتي دمشق)

تِرے غم میں کاش عطّارؔ، رہے ہر گھڑی گرِفتار
غمِ مال سے بچانا ، مَدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آفتن کان نجات جو ذريعو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هينئر توهان ملاحظہ فرمايو تہ خالق ڪائنات، اَللّٰه ربُّ الْاَرضِ وَالسَّمٰوٰت عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بيحد فائدي جو سودو آهي ۽ ان سان مال محفوظ ٿي ويندو آهي، يقيناً صدقو ۽ خيرات آفتن کان نجات جو ذريعو آهي لهٰذا هر هڪ کي گهرجي پنهنجي مال مان توفيق ۽ همت مطابق صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندو رهي . اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪيترين ئي آفتن ۽ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي "راہ خدا عَزَّوَجَلَّ میں خرچ کرنے کی فضائل" ۾ اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ روايت نقل فرمائن ٿا: اَلصَّدَقَةُ تَمْنَعُ سَبْعِيْنَ نَوْعًا مِّنْ اَنْوَاعِ الْبَلاءِ اَهْوَنُهَا الْجُذَامُ وَالْبَرَص يعني صدقو 70 قِسم جي بلائن کي روڪي ٿو جنهن مان آسان ترين بلا بدن بگڙجڻ (ڪوڙهہ) ۽ سفيد داغ آهن .

(تاريخ بغداد ج 8 ص 204 دارالڪتب العلميہ بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مونَ تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

## ڳرهہ جي بدلي ڳرهہ

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! صدقو واقعي بلائن کي ٽاري ٿو انهي باري ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو: حضرت سيِّدُنا امام عبدالله بن اسعد يافعي عليہ رحمةُ الکافي "روض الرياحين" ۾ نقل فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ هڪ عورت ڪنهن مُحتاج (يعني مسڪين) کي ماني ڏني ۽ پوءِ پنهنجي مڙس کي ماني پهچائڻ لاءِ ٻَني ڏانهن هلڻ لڳي، ان سان گڏ ان جو ٻار بہ هو رستي تي هڪ درندو (چيري ڪائيندڙ جانور) ٻار تي حملو ڪري وڌو اهو درندو ٻار کي ڳرڪائڻ ئي وارو هو تہ اوچتو غيب مان هڪ هٿ ظاهر ٿيو جنهن ان درندي کي زوردار ڌڪَ هنيو ۽ ٻار کي ڇڏائي ورتو پوءِ غيب مان آواز آيو: اي نيڪ بخت! پنهنجي ٻار کي سلامتي سان وٺي وڃ! اسان ڳرهہ جي بدلي ڳرهہ تو کي عطا ڪيو (يعني تو غريب کي ماني جو ڳرهہ کارايو الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجي ٻار کي درندي جو ڳرهہ بڻڻ کان بچائي ورتو). (روض الرياحين ص274)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمين بِجَاہِ النّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالیٰ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رہِ حق میں سبھی دولت لُٹا دوں
خدا! ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

## شيطان جو غلام ڪير؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن کي دنيا جي مال ملڻ سان گڏوگڏ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ملي ويو تہ اهو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

سعادت مند آهي پر جيڪو غفلت ۾ وجهندڙ دنياوي آسائشن ۾ مشغول رهيو ۽ نفساني خواهشن جي پيروي ڪئي ان ڄڻ تہ شيطان جي غلامي قبول ڪئي جيئن حُجةُ الاِسلام امام محمد غزالي عَلَيهِ رَحمةُ الوَالي اِحياءُالعلوم ۾ نقل ڪن ٿا: جڏهن سڀ ڪان پهرين دِرهم ۽ دينار تيار ٿيا تہ شيطان انهن کي کڻي پنهنجي پيشاني تي رکيو پوءِ ان کي چميائين ۽ چيو: جنهن تون سان محبت ڪئي حقيقت ۾ اهو منهنجو غلام آهي . (احياءُ العلوم ج3 ص 288)

## اهو ذليل و خوار ٿئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جا بُزرگ دُنيوي مال دولت ۽ ان جي فڪر ڪان آزاد، تَوَڪُّل ۽ قِناعت جي دولت سان مالامال هئا، دنيوي مستقبل ڪان وڌيڪ آخرت جي فڪر ۾ مَگن رهڻ وارا سعادت مند هئا، اهي هن حقيقت ڪان سٺي نموني واقف هئا تہ دولت جي محبت رُسوائي ۽ ذِلت جو سبب آهي جيئن مشهور ۽ مقبول وليُّ الله حضرت سيِّدُنا شيخ شِبّلي عَلَيهِ رَحمةُ الوَلي جو ارشاد حقيقت بنياد آهي: جنهن دنيا جي دولت سان پيار ڪيو اهو ذليل ۽ خوار ٿيو . (روض الرياحين ص139 دارالڪتب العلمية بيروت)

مِرا دل پاک ہو سرکارِ دُنیا کی مَحبّت سے
مجھے ہو جائے نفرت کاش! آقا مال و دولت سے

## مال ۽ دولت جي محبت جون تباهہ ڪاريون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي مال و دولت جي محبت انسان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

ڪي خواري ۽ ذلت جي اونهين کاهي ۾ ڌڪيندي آهي جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن انسان دنيا ۾ ڪجهه عزت ۽ شُهرت حاصل ڪري به وٺندو آهي پر اڪثر آخرت جي تباهي ۽ بربادي ان جو مُقدّر بڻجي ويندي آهي، دولت جي نشي ۾ مست رهندڙن لاءِ حضرت سيِّدُنا شيخ شِبلي علیہ رحمۃ الولي جي بيان ڪيل ارشاد ۾ عبرت ئي عبرت آهي . ڏن دولت جي محبت ۾ انڌو ٿيڻ وارو آخرت جي انجام کان بلڪل غافل ٿي احڪامِ شريعت کي ڇڏي ڏيندو آهي، پوءِ نه ان کي احڪامِ خداوندي جي پرواهه هوندي آهي نه ئي مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشادن جو ڪو خيال، يقيناً مال ۽ دولت جو فڪر آخرت جي فڪر کان غافل ڪري بيشمار گناهن جو سبب بڻجندو آهي جنهن مان ڪجهه هي آهن زڪوٰت ۽ عُشر ادا نه ڪرڻ، وِياج ۽ رِشوت جي ڏيتي ليتي، بُخل جي نحوست، قطع رحمي (يعني رشتيداري ٽوڙڻ) ڪوڙ ۽ ٻين جو ناحق مال دٻائڻ وغيره .

## مال جي ديني ۽ دنيوي آفتون

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جہنم میں لے جانی والے اعمال“ جلد 1 صفحي 565 تا 567 تي شيخ الاسلام، شهاب الدين امام احمد بن حَجَر مڪي شافِعي علیہ رحمۃ الکافي مال دولت جي آفتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ان مان ڪجهه ذڪر ڪيان ٿو:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## ديني آفتون

مال دولت جي ڪثرت انسان کي گناهن تي اڀاريندي ۽ پهرين مُباح (يعني جائز) لذتن ڏانهن وٺي ويندي آهي ايستائين جو اهو ان جو ايترو ته عادي بڻجي ويندو آهي جو ان کي ڇڏڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، پوءِ جيڪڏهن هو حلال ڪمائي ذريعي حاصل نه ڪري سگهي ته ڪڏهن ڪڏهن حرام ڪم ڪرڻ لڳندو آهي، ڇو ته جنهن وٽ مال ڪثرت سان هجي ان کي ماڻهن سان لاڳاپا ۽ ملڻ جُلڻ جي ضرورت به وڌيڪ هوندي آهي ۽ جيڪو ان شيءِ ۾ مبتلا ٿي وڃي ته عموماً اهو ماڻهن سان مُنافقت سان پيش ايندو ۽انهن کي راضي يا ناراض ڪرڻ جي معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جو مُرتَڪِب ٿيندو ته ان جي نتيجي ۾ اهو عَداوت، ڪينو، حسد، رياڪاري، (يعني ڏيکاءُ) تڪبُّر، ڪوڙ غيبت ۽ چُغلي وغيره جو سبب بڻجندڙ ٻين وڏن وڏن گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو.

## دنيوي آفتون

مالدارن کي دنيوي آفتن مان خوف ۽ غم، پريشاني، مصيبتن کي منهن ڏيڻ، مالداري برقرار رکڻ لاءِ هر وقت مال ڪمائڻ ۽ ان جي حفاظت وغيره ۽ ٻيون آفتون شامل آهن .

## مال جو غلام هلاڪ ٿيو

امام ابن حَجَر علیہ رحمۃُ الاکبر فرمائن ٿا: مال نه ته مطلق خير (يعني ڀلائي جي شيءِ) آهي ۽ نه ئي سراسر شر (يعني برائي جي شيءِ) مال

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ڪڏهن ساراهه جوڳو ۽ ڪڏهن مَذمَت جوڳو هوندو آهي . لهٰذا جنهن ضرورت کان وڌيڪ حاصل ڪيو ڇڻ ان پاڻ کي هلاڪت ڏانهن ڌڪيو، ڇوته طبعيتون هدايت کان روڪڻ واريون هونديون آهن ۽ شهوت خواهشن ڏانهن مائل رهنديون آهن ۽ مال ذريعو ٿيندو آهي ته اهڙي صورت ۾ وڌيڪ مال ۾ وڌيڪ خطرا آهن . اڳتي هلي پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ حديث پاڪ نقل فرمائي آهي ته شفيع روزِ شمار، احمد مختار، حبيبِ پروردگار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”دِرهم ۽ دينار جو غلام هلاڪ ٿئي“

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 441 حديث 4136 دارالمعرفة بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاش! اسان تي الله عزوجل جون خاص رحمتون نازل ٿين ته اسان دنيا جي دولت سان پيار ڪرڻ ۽ ان جي سوچ ويچار ۾ گم رهڻ بدران آخرت جي سعادتن ڏانهن ڌيان ڏيڻ وارا بڻجي وڃون ۽ اهو فرياد اسان جي حق ۾ قبوليت جو شرف حاصل ڪري:

قلیل روزی پہ دو قناعت ۔۔۔ فُضُول گوئی سے دیدو نفرت
دُرود پڑھنے کی بس ہو عادت ۔۔۔ نبیِّ رَحمت' شفیعِ اُمّت

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪڏهن اوهان سڌرڻ چاهيو ٿا ته .....

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان کي مدني التجا آهي ته دعوت اسلامي جو مدني ماحول اپنايو، هي ماحول خزانن جا انبار جمع ڪرڻ بدران ابدي سعادتن جو حقدار بڻجڻ جو ذهن ڏي ٿو،

جيڪڏهن اوهان سڌرڻ چاهيو ٿا تہ دل مان دنيا جي اجائي محبت ڪڍڻ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي تڙپ دل ۾ داخل ڪرڻ سينو سُنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مدينو بنائڻ، مال دولت جو صحيح مَصرَف (يعني خرچڻ جي درست جڳهہ) ۾ استعمال ڪرڻ جو علم حاصل ڪرڻ ۽ دل کي آخرت جي فڪر جو مرڪز بنائڻ لاءِ تبليغ قران ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ مسافر بڻجندا رهو، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿيندو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪجي ٿي جيئن تہ

## ويڊيو سينٽر ختم ڪري ڇڏيو

لانڍي (باب المدينہ ڪراچي) جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي علائقي ۾ هڪ مُبلغِ دعوت اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي جذبي سبب روزانو پابندي سان چوڪ درس ڏيندو هو، هڪ ڀيري چوڪ درس ۾ هڪ ويڊيو سينٽر واروي کي بہ شرڪت جي سعادت ملي، جڏهن مُبلغِ دعوت اسلامي فيضانِ سنّت جو درس شروع ڪيو تہ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڀريا، آخرت جي فڪر سان ڀريل الفاظ تاثير جا تير بڻجي "ويڊيو سينٽر واري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

جي دل تي لڳا، درس ڪانپوءِ جڏهن اسلامي ڀائرن ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي ته فوراً راضي ٿي ويو، ۽ شرڪت به ڪيائين جنهن جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان ۾ تبديلي اچڻ لڳي، ڪجهه عرصي ڪان پوءِ ان ويڊيو سينٽر ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڏاڍي جو ڪاروبار شروع ڪري حلال رزق ڪمائڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال' آپ دولت کی کثرت کا چھوڑیں خیال
قبر میں کام آئے گا ہرگز نہ مال' حشر میں دُرّے کا ہوگا سُوال

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مال جمع ڪرڻ نه ڪرڻ جون صورتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مال جمع ڪرڻ، نه ڪرڻ جي صورتن جي باري ۾ بارگاهِ رضويت ۾ ٿيندڙ "سوال جواب" جا مختلف اِقتِباسَ پيش ڪيان ٿو اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي علم ۾ گهڻو اضافو ٿيندو، **سوال:** هڪ ماڻهو جيڪو اَهل وعِيال (يعني ٻارن ٻچن) وارو آهي پنهنجي ماهوار يا سالاني آمدني مان بنا گهٽ وڌائي جي پنهنجي ٻارن تي خرچ ڪري باقي خدا جي راهه ۾ ڏيندو آهي آئيندي لاءِ ٻار ٻچن لاءِ ڪجهه نٿو رکي، ٻيو پنهنجي آمدني مان هڪ حصو خرچ ڪري ٻيو حصو خيرات ڪري ٿو ٽيون حصو آئينده لاءِ انهن جي ضرورتن ۾ ڪم اچڻ جي غرض

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

سان ڪجھ رکي ڇڏڻ کي بهتر سمجهي تہ انهن ٻنهي مان افضل ڪير آهي؟

**الجواب:** حُسنِ نيّت (يعني سٺي نيت) سان ٻئي صورتون مَحمود (يعني سٺيون) آهن حالات مختلف ٿيڻ سبب هر هڪ (ڪڏهن) افضل ڪڏهن واجب، ۽ تنهنڪري هن باري ۾ مختلف حديثون بہ آهن ۽ اڳوڻن بُزرگن جو عمل بہ مختلف رهيو.

اَقُوْلُ وَبِاللّٰهِ التَّوفِيق (الله عَزَّوَجَلَّ جي توفيق سان مان چوان ٿو) هن ۾ مختصر ۽ جامِع قول اِن شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ اهو آهي ماڻهو بہ قسمن جا آهن ﴿1﴾ مُنْفَرِد جيڪو اڪيلو هجي ۽ ﴿2﴾ مُعِيل جيڪو ٻارن ٻچن وارو هجي سوال جيتوڻيڪ مُعِيل جي باري ۾ آهي پر هر مُعِيل پنهنجي حقِ نفس (پنهنجي باري) ۾ مُنفرد ۽ ان تي پنهنجي نفس (يعني پنهنجي ذات) جي لحاظ کان اهي ئي احڪام آهن جيڪي منفرد تي آهن لٰهذا ٻنهي جي احڪام سان بحث آهي

﴿1﴾ اهي اهلِ اِنقِطاعِ و تَبَتُّل اِلي الله اصحابِ تَجرِيد وتَفرِيد (يعني اهڙا ماڻهو جن الله عَزَّوَجَلَّ خاطر دنيا کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي هجي ۽ انهن تي اهل وعيال جي ذميداري نہ هجي يا ان جا اهل و عيال ئي نہ هجن) جن پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ڪجھ (مال) نہ رکڻ جو واعدو ڪيو هجي انهن تي پنهنجي واعدي سبب مال جمع نہ ڪرڻ لازم هوندو آهي جيڪڏهن ڪجھ بچائي رکن تہ واعدي خلافي لازم ايندي ۽ واعدو ڪرڻ کان پوءِ جمع ڪرڻ ضرور يقين جي ڪمزوري سبب آهي يا ان جو وهم آهي اهڙا ماڻهو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

جيڪڏهن ڪجهہ ذخيرو بہ ڪن تہ عذاب جا حقدار ٿيندا .

﴿2﴾ مُحتاجي ۽ تَوَڪُّل ظاهر ڪري صدقو وٺڻ وارو جيڪڏهن اها حالت برقرار رکڻ چاهي ٿو تہ انهن صدقن مان ڪجهہ جمع ڪري رکڻ ناجائز ٿيندو ۽ اهو دوکو ٿيندو ۽ پوءِ جيڪو صدقو وٺندو اهو حرام ۽ خبيث ٿيندو.

﴿3﴾ جنهن کي پنهنجي حالت جي خبر آهي تہ هو حاجت کان وڌيڪ جيڪو بچائي رکي ٿو نفس ان سبب نافرماني ۽ گناهن تي اياري ٿو يا ڪنهن بي مَعصِيت (نافرماني) جي عادت پيل آهي ان تي خرچ ڪري ٿو تہ ان نافرماني کان بچڻ فرض آهي، جڏهن ان جو اهو طريقو مقرر آهي تہ باقي مال پاڻ وٽ نٿو رکي، تہ انهي حالت ۾ حاجت کان وڌيڪ پوري آمدني کي مَصارِفِ خير (يعني ڀلائي جي ڪمن) ۾ خرچ ڪرڻ لازمي آهي .

﴿4﴾ جيڪو اهڙو بي صبرو آهي جو جيڪڏهن ان کي فاقو (يعني غريبي) پهچي تہ مَعَاذَالله ربّ عَزَّوَجَلَّ کان شڪايت ڪرڻ لڳي جيتوڻيڪ دل ۾، زبان سان نہ، يا ناجائز طريقن مثلاً چوري يا پنڻ وغيره ۾ لڳي ويندو، ان تي لازم آهي تہ حاجت کان وڌيڪ جمع ڪري رکي، جيڪڏهن پيشہ ور آهي جيڪو روزانو ڪمائي ٿو ۽ روزانو ڪائي ٿو ان لاءِ هڪ ڏينهن جو، ۽ نوڪر جنهن کي ماهوار ملي يا جڳهن، دڪانن جي ڪرائي تي گذارو آهي ڪرايو مهيني کان پوءِ ملي ٿو تہ هڪ مهيني جو، ۽ زميندار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

آهي ته پوک (ڇهه مهينا) يا سال کان پوءِ ملي ته سال جو، ۽ اصل معاش جا ذريعا مثلاً ڪاريگري جا اوزاريا دڪان گهر ڪفايت جي مقدار ۾ رکڻ مطلقاً لازم آهي .

﴿5﴾ جيڪو عالِمِ دين، مفتيءِ شرع يا مُدافعِ بِدع (بد مذهبي کي روڪڻ وارو) هجي ۽ بيتُ المال مان رِزق نٿو ملي جيئن (هاڻي) هتي آهي ۽ اتي ان کان علاوه ڪو ٻيو ان ديني منصبن تي قيام نه ڪري سگهي جو فتويٰ ڏي يا بدعتون ختم ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت خرچ ڪري، ان تي فرض عين آهي ۽ اهو مال ۽ جائداد رکي ٿو جنهن سان اهو مالي طور مضبوط آهي ۽ ديني فرضن جي لاءِ روزگار وغيره جي فڪر کان فارغ آهي جيڪڏهن (هو سمورو مال) خرچ ڪري ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿئي ۽ انهن ديني ڪمن ۾ جي ادائگي ۾ رنڊڪ اچي، ان لاءِ اصل ذريعا باقي رکڻ ۽ آمدني جو ذڪر ڪيل مقدار ۾ رکڻ واجب آهي .

﴿6﴾ جيڪڏهن اتي ٻيا عالم اهي ڪم ڪري سگهن ته ضرورت مطابق مال جمع ڪرڻ ۽ مال جا ذريعا باقي رکڻ جيتوڻيڪ واجب ناهي پر اهم ۽ مؤڪّد (سخت تاڪيد ڪيل) بيشڪ آهي جو علمِ دين ۽ دين جي حمايت جي لاءِ خوشحال هجڻ مال ڪمائڻ ۾ مشغول هجڻ کان لک درجا افضل آهي ۽ هڪ کان ٻه ۽ ٻه کان چار عالم بهتر آهن، هڪ (عالم) جي نظر ڪڏهن خطا ڪري ته ٻيا (عالم) ان کي صَواب (يعني صحيح ڳالهه) ڏانهن توجهه ڏيارن

هڪ (عالم) ڪي مرض وغيره جي ڪري ڪو عُذر پيش اچي ته ٻيا موجود رهن ڪم بند نه ٿئي لهٰذا علماءِ دين جي ڪثرت ضرور حاجت آهي .

﴿7﴾ عالم ناهي پر دين سکڻ ۾ مشغول آهي ۽ مال ڪمائڻ ۾ مشغول ٿيڻ هن (يعني علم دين جي طلب) ۾ رڪاوٽ آهي ته ان تي به حسبِ ضرورت مال جمع ڪرڻ ۽ مال جي ذريعن ڪي باقي رکڻ وڏيڪ اهم آهي .

﴿8﴾ (ذڪر ڪيل) ٽن صورتن ۾ جمع ڪرڻ منع آهي به ۾ واجب به ۾ مُؤَڪّد (يعني تاڪيدي) ۽ جيڪو انهن انن صورتن مان خارج هجي اهو پنهنجي حالت تي نظر ڪري جيڪڏهن جمع نه ڪرڻ ۾ ان جي دل پريشان ٿئي عبادت ۽ ذڪر الٰهي ۾ خَلَل ٿئي ته انهي صورت ۾ حاجت مطابق جمع رکڻ افضل آهي اڪثر ماڻهو انهي قسم جا آهن .

﴿9﴾ جيڪڏهن جمع رکڻ ۾ ان جي دل مُنتَشر ٿئي ۽ مال جي حفاظت يا ان ڏانهن لاڙو ٿئي ته جمع نه رکڻ افضل آهي ڇوته اصل مقصد ذڪرالٰهي لاءِ فارغ ٿيڻ آهي جيڪو انهي ۾ مُخِل (يعني رڪاوٽ) بڻجي اهو منع ڪيل آهي .

﴿10﴾ جيڪي ماڻهو نُفُوسِ مُطمَئِنّه (يعني اطمينان) وارا آهن، جو مال نه هجڻ سان انهن جي دل پريشان نه ٿي ٿئي نه ئي مال هجڻ سان پريشان ٿين اهي با اختيار آهن (چاهن ته باقي مال صدقو يا خيرات ڪن يا پاڻ وٽ رکي ڇڏن) .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنھن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آھي.

﴿11﴾ حاجت کان وڌيڪ مَصارِفِ خير (يعني سنين جڳھن) تي خرچ ڪرڻ ۽ جمع نہ رکڻ ٽين صورتن ۾ واجب ھو باقي سيني صورتن ۾ ضرور پسنديده آھي، ۽ جمع رکڻ ان (شخص) لاءِ ناپسند ۽ مَعيُوب جو منفرد جو ان ڪي جمع ڪرڻ طولِ اَمَل (يعني وڏي اميد) يا دنيا جي محبت سبب ھوندو آھي . (مطلب اھو تہ مال جمع وڏي اميد يا دنيا جي محبت سبب ڪيو ويندو آھي اھي ٻئي صورتون صحيح نہ آھن)

## دنيا جو مسافر

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: ”دنيا ۾ ائين رھو جڻ تون مسافر آھين بلڪ واٽ ھلندڙ آھين ۽ پنھنجو پاڻ ڪي قبر ۾ سمجھي صبح ڪر تون دل ۾ اھو خيال نہ آڻ تہ شام ٿيندي ۽ شام ٿئي تہ اھو نہ سمجھ تہ صبح ٿيندي .“

(سنن ترمذي ج 4 ص 149 حديث 2340 دارالفکر بيروت)

## توھان کي شرم نٿو اچي

سلطان مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھڪ موقعي تي ارشاد فرمايو: يَاَيُّهَا النَّاسُ اَمَا تَسْتَحْيُوْنَ اي انسانو !ڇا توھان ڪي شرم نٿو اچي؟ حاضرين عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪنھن ڳالھ کان؟ فرمايائون: جمع ڪيو ٿا جيڪو نہ کائيندا ۽ جڳھون ناھيو ٿا جنھن ۾ نہ رھندا ۽ اھي خواھشون ڪيو ٿا جن تائين نہ پھچندا ان کان شرم نہ ٿو اچي .

(المعجم الکبير للطبراني ج 25 ص 172 حديث 421 داراحياء التراث العربي بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

## ڄڌهن ڪو ٽرهہ ٽائيندو آهيان ۔۔۔۔

حضرت سيِّدُنا اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ مهيني جي واعدي تي هڪ ٻانهي سؤ دينار ۾ خريد ڪئي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا اُسامہ تي تَعَجُّب نٿو ٿئي جنهن هڪ مهيني جي واعدي تي (ٻانهي) خريد ڪئي، بيشڪ اُسامہ جي اميد وڏي آهي، قسم آهي ان جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي! مان جڏهن اک کوليان ٿو تہ اهو گمان ٿيندو آهي اک ڇنڀڻ کان پهرين موت اچي وڃي ۽ جڏهن پيالو وات تائين وٺي ويندو آهيان ڪڏهن اهو گمان نہ ڪندو آهيان تہ ان جي رکڻ تائين زنده آهيان ۽ جڏهن ڪو گرهہ کائيندو آهيان گمان ٿيندو آهي تہ هن کي نڙي ۾ لاهي نہ سگهندس جو موت ڳلي ۾ هن روڪي ڇڏيندو. قسم آهي ان جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي بيشڪ توهان کي جنهن ڳالهہ جو واعدو ڏنو ويو آهي ضرور اچڻ واري آهي توهان ٿڪائي نہ سگهندا.

(الترغيب والترهيب ج 4 ص 108 حديث 5127 دارالفڪر بيروت)

اهو سڀ تہ مُنفرد جي لاءِ آهي ۽ ٻارن ٻچن وارو ظاهر آهي اهو پنهنجي نفس جي لاءِ منفرد آهي تہ پاڻ جي ذات ۾ انهن حڪمن جو لحاظ ڪري ۽ ٻارن ٻچن جي لحاظ کان ان جو ٻيون ٻہ صورتون آهن ان جو بيان ڪري.

﴿12﴾ عِيال جي ڪَفالَت شريعت ان تي فرض ڪيو آهي اهو انهن کي تَوَڪُّل ۽ تَبَتُّل (دنيا کان ڪناري ڪشي) وَصَبْر عَلَي الفَاقَه

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

(يعني بک ۽ اڃ تي صبر) تي مجبور نٿو ڪري سگهي، پنهنجي جان کي ڪيتري به آزمائش ۾ وجهي پر انهن (ٻارن ٻچن) کي خالي ڇڏڻ حرام آهي.

﴿13﴾ ۽ اهو جنهن جي عيال ۾ ڇوٽين جيان بي صبرا هجن ۽ بيشڪ اهڙو عوام گهڻو ملندو ته انهي لحاظ سان ان تي ٻئو واجب ٿيندو ته اهو قدرِ حاجت جمع رکي.

﴿14﴾ ها جنهن جا سڀ ٻار ٻچا صابِر مُتَوَڪِّل هجن ان کي جائز آهي ته سڀ مال خرچ ڪري ڇڏي. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 311 تا 327 مختصراً)

**مٺاما اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة المصابيح ج1 ص 55 حديث 175)

سينہ تيری سنّت کا مدينہ بنے آقا
جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”منڊي پائڻ جا اهم احڪام“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان منڊي پائڻ جا 17 مدني گل

۞ مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي. سروَرِ ذيشان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي. (بخاري ج 4ص67 حديث 5863)

۞ (نابالغ) ڇوڪر کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن

فرمانِ مصطفےٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

پارايا اهو گنهگار ٿيندو . (درمختار و ردالمحتار ج9 ص 598) ۞ لوهہ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي (ترمذي ج 3 ص 305 حديث 1792) ۞ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٽي چاندي جي هجي جائز ناهي ۞ ائين مردن لاءِ هڪ کان وڌيڪ (جائز) منڊي پائڻ يا (هڪ يا وڌيڪ) ڇلو پائڻ بہ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، عورتون پائي سگهن ٿيون . (بهارشريعت حصو 16 ص 71) ۞ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جو وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز اهي جيتوڻيڪ مُهَر (يعني ٺپي) جي لاءِ نہ هجي پر ان جو ترڪ (يعني جنهن کي اسٽامپ جي ضرورت نہ هجي ان کي نہ پائڻ) افضل آهي مُهَر جي غرض کان نہ صرف جائز بلڪ سنت آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرض مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مطلب ۽ مفاد) نيّت ۾ هجي تہ رڳو منڊي ئي نہ بلڪ انهي نيّت سان سنا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناهن . (فتاوىٰ رضويہ ج 22ص 141) ۞ عيدن تي مرد لاءِ چاندي واري جائز منڊي پائڻ مُستَحب آهي . (بهار شريعت ج 1 ص 779،780بتصرف) ۞ منڊي انهن لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فتوَن تي اسٽامپ لڳائن ٿا، ان کان علاوه ٻين جي لاءِ سنّت ناهي البت پائڻ جائز آهي . ( فتاوي عالمگيري ج 5 ص 335) اڄڪلهہ منڊي سان ٺپو لڳائڻ جو عرف ناهي، بلڪ ان لاءِ "اسٽام" ٺهايو ويندو آهي، لهٰذا جن کي ٺپو نہ لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت ناهي رهيو ۞ مرد کي گهرجي منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي(الهدايہ ج 4 ص 367) ۞ چاندي جو ڇلو خاص زنانو سينگار آهي مردن کي مَڪرُوهہ (يعني ناجائز ۽ گناهہ آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 130) ۞ عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگيني جي قيد ناهي ۞ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو لوهہ بلڪل ڏسڻ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ منع نہ آهي (فتاوي عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ ٻنهي مان ڪنهن هڪ هٿ ۾ منڊي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آڱر ۾ پائجي (ردالمحتار ج9 ص 596 بهارشريعت حصو 16 ص 70) ۞ منَت (يعني سُڪا) يا دم ڪيل ڌاتو (Metal) جو ڪڙو بہ مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ۞ مديني پاڪ يا اجمير شريف جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي بہ جائز ناهي ۞ بواسير (يعني موڪن جي بيماري) جي لاءِ بہ دم ڪيل چاندي جا ڇلا بہ مردن لاءِ جائز نہ آهن ۞ جيڪڏهن اوهان کي بہ ڌاتو جو ڇلو، ناجائز منڊي يا ڌاتو جي زنجير (Chain) پاتل آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو توبهہ بہ ڪري ڇڏيو .

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبہ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہار شریعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتیں اورآداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو    سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو    ختم ہوں گی شامتیں قافلے میں چلو

